# كم ێ كاوش

ليكك:
آيت الله سيد مرتضىٰ مجتهدي سيستاني

WWW.ALMONJI.COM
Email: info@almonji.com

## هيءُ ڪتابُ:

ڪتاب "اسرار موفّقيّت" جي بحثن منجهان هڪ بحث جو ترجمو.

جيڪو هيستائين مختلف زبانن عربي، اردو، انگلش، آزربائيجان ۽

سنڌي ۾ ترجمي ۽ چاپ جا مرحلا طئي ڪري چڪو آهي.


بسم الله الرحمن الرحیم

## فهرست مطالب

مهاڳ .....٥.....

ڪيتري حد تائين ڪوشش ڪيون؟ .....٦.....

پنهنجي نفس کي ڪم ۽ ڪوشش جي لاءِ تيار ڪرڻ: .....٧.....

مرحوم ملّا مهدي نراقي ڪئين پنهنجي پاڻ کي آماده ڪيو؟ .....٩.

حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪريو: .....١٠.....

ڇاڻيندي ڪم جو آغاز ڪريو: .....٢٣.....

ڪم جي شرطن ۽ ان جي رڪاوٽن کي مد نظر رکون: .....٢٣.....

ڪم ۽ ڪوشش جا مانع: .....٢٥.....

خراب ڪمن جي عادت: .....٢٥.....

ٿڪاوٽ ۽ بي حالي: .....٢٨.....

بن خطي ڪتابن جي نسخن جي لاءِ ڳولا ۽ توسل: .....٣٠.....

غور ۽ فڪر کان ڪم وٺڻ: .....٣٢.....

بحث جو نچوڙ: .....٣٥.....

ڪم جا ضروري مقدمہ: .....٣٥.....

وَ أَنْ لَيْسَ لِلْإِنْسانِ إِلاّ ما سَعى

**انسان كاوش كانسواءِ كجهه بـ نـ آهي**

## مهاڳ

پنهنجي وجود کان استفادو ڪرڻ لاءِ نيڪ ۽ اهم هدفن تائين پهچڻ لاءِ ڪم ۽ ڪوشش ڪريو ۽ ان جي جستجو ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪريو.

تاريخ جي صفات کي پنهنجي نالن سان روشن ڪرڻ واريون عظيم ۽ مشهور شخصيتون پنهنجي اهداف ۽ مقاصد جي راهہ ۾ ڪڏهن بہ ٽڪاوٽ جو احساس نہ ڪيو آهي ۽ انهن پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هميشہ جستجو ۽ ڪوشش ڪندي پنهنجي منزل ڏانهن قدم وڌايو آهي.

توهان بہ پنهنجي مهم ۽ الٰهي مقاصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريو چاڪاڻ تہ نيڪ اهداف تائين پهچڻ لاءِ ڪم ۽ ڪوشش گهڻي اهميت رکي ٿي. اڪثر آيتن ۽ روايتن ۾ ان جو بار بار ذڪر ڪيو ويو آهي.

## ڪيتري حد تائين ڪوشش ڪيون؟

ڪجهہ ماڻهن جي ڪوشش ۽ جستجو فقط ۽ فقط دنياوي مقاصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ئي منحصر آهي، اهي ڪائنات جي حقيقتن کان مڪمل طور تي غافل هوندا آهن، اهي هميشہ رهڻ واري دنيا ۽ آخرت ۾ انسان جي سعادت جو سبب بڻجڻ وارن روحاني ۽ معنوي ڪمن کان غافل (بي خيال) هندا آهن، انهن جو هدف صرف تجارت ۽ گهٽي کان گهٽو مال حاصل ڪرڻ هوندو آهي. انهن جو زندگيءَ ۾ حقيقي مقصد گهٽي کان گهٽي دولت جو گڏ ڪرڻ هوندو آهي.

اڪثر ڪري ماڻهو پنهنجي هدف سان مربوط آئين ۾ تمام انهن مسئلن تي دقت سان غور ۽ فڪر ڪندا آهن ۽ جڏهن انهن کي ان ۾ ڪامياب ٿيڻ جو يقين ٿي

ويندو آهي تہ اهي ان کي انجام ڏيندا آهن، پر هو عبادت جي ڪمن ۾ بالڪل توجهہ نہ ڏيندا آهن جيڪا خدا جي نزديڪ گهٽي اهميت رکي ٿي. جڏهن تہ خدا جي نزديڪ ڪنهن عمل جو قبول ٿي وڃڻ ان عمل کي با ثمر بڻائي ڇڏيندو آهي. ان ڪري امام علي ابن ابي طالب عليهما السلام فرمائن ٿا:

(كُونُوا عَلَى قَبُولِ الْعَمَلِ أَشَدَّ عِنَايَةً مِنْكُمْ عَلَى الْعَمَلِ[1])

عمل کي انجام ڏيڻ کان گهٽي ان جي قبول ٿيڻ ڏانهن توجهہ ڪيو.

خدا جي بارگاهہ ۾ عمل جو قبول ٿي وڃڻ اهميت رکندڙ آهي نہ اهو پاڻ عمل. بس جيڪڏهن خدا ڪنهن عمل کي قبول نہ ڪري تہ ان عمل جو ڪو بہ فائدو نہ آهي.

ان ڪري اسان کي اهڙي راهہ ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيڪا خدا جي راضي ۽ خشنوديءَ جو سبب هجي ۽ اسان کي گهرجي تہ ان جي قبوليت کي بہ نظر ۾ رکون!.

## پنهنجي نفس کي ڪم ۽ ڪوشش جي لاءِ تيار ڪرڻ:

ڪم ۽ ڪوشش حقيقي رغبت سان گڏ انجام ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪو ڪم نفساني مجبوري سان ڪيو وڃي تہ ان جي فائدي کان گهٽو نقصان هوندو آهي.

---

[1]. بحارالانوار: ج، ٦٧، ص،٣١٢

انڪري مشڪل ڪمن ۾ ڪوشش ۽ جستجو ڪرڻ فقط انهن ماڻهن جي لاءِ ئي فائديمند آهي جيڪي نفساني لحاظ کان ان کي انجام ڏيڻ لاءِ تيار رهن ۽ جيڪي ماڻهون ايئين نہ آهن انهن کي گهرجي تہ اهي پهريان پنهنجي اندر ۾ نفساني امادگي پيدا ڪن.

بس فقط انهن کي ان بنا تي نيڪ ڪمن ۾ جستجو ۽ ڪوشش ڪرڻ کان هٿ نہ روکڻ گهرجي تہ اهي ڪم انهن جي تبيعت جي مطابق نہ آهن. بلڪ انهن کي نفساني خواهشن ۽ شهوتن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي ايستائين جو انهن جو نفس، انهن جو عقل ۽ انهن جو وجود هڪ جهڙو ٿي وڃي ۽ ان کي نيڪ عمل انجام ڏيڻ جي طرف راهنمائي ڪري.

جيڪي انجام ڏنل جستجو ۽ ڪوشش جي ذريعي پنهنجي نفس کي عقل جو تابع بڻائيندا آهن ۽ پوري دلچسپي سان مشڪل ڪمن کي انجام ڏيندا آهن اهي ئي گهڻا اهم نتيجا حاصل ڪري ونندا آهن.

ان لحاظ کان دين جي نامي گرامي شخصيتن پنهنجي نيڪ اهداف ۽ بلند مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي جستجو ۽ ڪوشش ڪئي ۽ سندن نفس کي پنهنجي عقل جو تابع ۽ مطيع بڻايو، اهي ان جي ڪري ئي بلند مقامن تائين پهتا آهن.

انهن اهل بيت اطهار عليهم السلام جي فرمانن جي روشنيءَ ۾ ڪيتريون ئي مصيبتون برداشت ڪندي بلند علمي ۽ معنوي مقامَ حاصل ڪيا آهن.

انهن مضبوط پهاڙن وانگر هر طوفان جو مقابلو ڪيو ۽ ڪڏهن بہ ٽڪاوٽ جو احساس ڪري هار نہ مڃي ۽ اهڙي طرح سدائين جستجو ۽ ڪوشش ڪندا رهيا.

## مرحوم ملّا مهدي نراقي ڪئين پنهنجي پاڻ کي آمادھ ڪيو؟.

هاڻي اسان هڪ بزگ شيعہ عالم دين مرحوم ملّا مهدي نراقي (ره) جي زندگي کي بيان ڪيون ٿا:

ان عظيم شخصيت کي درس ۽ مباحثي سان ايترو تہ شوق هو جو سندس پنهنجي گهر کان اچڻ وارا خطّ بہ نہ پڙهندو هو تہ جيئن انهن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ لکيل هجي جو سندس پريشاني جو سبب ٿئي ۽ جنهن جي ڪري سندس درس ۽ مباحثي ۾ رڪاوٽ ٿئي، ايستائين جو سندس والد محترم کي قتل ڪيو ويو ۽ ان جي خبر خط ۾ لکي موڪلي وئي. ڪيس خط مليو پر پاڻ خط کي نہ کوليو جنهن ڪري خط جي مضمون کان واقف نہ ٿي سگهيا ۽ اهڙي طرح پنهنجي درسن ۽ مباحثن ۾ مشغول رهيا.

جڏهن مرحوم نراقيٴ جا رشتيدار ان جي اچڻ کان ناميد ٿي ويا تہ انهن مرحوم جي استاد ڏانهن خط لکي مرحوم نراقي جي والد جي قتل ٿي وڃڻ جي خبر ڏني تہ جيئن مرحوم کي پنهنجي شهر "نراق" ڏانهن روانو ڪري.

مرحوم ملّا نراقي جڏهن درس ۾ ويو تہ استاد کي غمگين ڏسندي استاد کان سوال ڪيو: سائين اڄ توهان ڇو پريشان آهيو؟ ۽ اڄ ڇو توهان درس شروع نہ ڪري رهيا آهيو؟

سندس استاد چيو: تون کي گرجي تہ "نراق" ڏانهن روانو ٿي وڃ ڇاڪاڻ تہ تنهنجو بابو ڏاڍو مريض ۽ زخمي آهي.

مرحوم نراقي جواب ڏيندي چيو: سائين خدا ڪريم آهي ۽ ان جي حفاظت ڪندو. توهان درس شروع ڪيو. ان ڪانپوءِ استاد مرحوم کي ان جي موت جي خبر بڌائيندي حڪم ڏنو ته جلدي "نراق" ڏانهن روانو ٿي وڃ.

مرحوم نراقي "نراق" ڏانهن روانو ٿيو ۽ صرف ٿي ڏينهن "نراق" ۾ رهي وري نجف ڏانهن واپس موٽي آيو.

مرحوم نراقي اهڙي طرح پنهنجي نفس کي تحصيل علم لاءِ تيار ڪيو، جنهن جي سبب پاڻ علم ۽ عمل جي بلند مقامن تائين پهچي ويا[٢].

## حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪريو:

حقيقت تائين پهچڻ ۽ حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي راهه جي مشڪلن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته ڪوشش ڪرڻ، مشڪلن ۾ صبر ۽ انهن کي برداشت ڪرڻ کانسواءِ ڪڏهن به حقيقت کي سمهجي نٿو سگهجي.

اميرالمؤمنين حضرت علي عليه السلام فرمائن ٿا:

(وَلَا يُدْرَكُ الْحَقُّ إِلَّا بِالْجِدِّ وَالصَّبْرِ[٣])

ثابت قدمي ۽ ڪوشش کانسواءِ ڪڏهن به حق کي سهجي نٿو سگهجي.

ان بنا تي حقيقت کي سمهجڻ لاءِ ڪوشش ۽ استقامت جي ضرورت آهي ته جئين اسان جا سپ ڪم اهل بيت اطهار عليهم السلام کان صادر ٿيل حڪمن جي مطابق بڻجي وڃن.

---

[٢]. فوائد الرضويه؛ ص، ٦٦٩

[٣]. بحارالانوار؛ ج، ٣٤، ص،١٣١

ان بنا تي جيڪڏهن توهان پنهنجي وجود جي گوهر کان استفادو ڪرڻ چاهيو ۽ ان شيءِ کي ڇاڻڻ چاهيو جنهن کي هر هڪ سمجهڻ جي قدرت نٿو رکي تہ پوءِ ان راهہ ۾ ڪوشش ڪريو.

حضرت امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

(الْعَمَلَ، الْعَمَلَ، ثُمَّ النِّهَايَةَ، النِّهَايَةَ[٤])

ڪم، ڪم! پوءِ نتيجو، نتيجو! (يعني پهريان ڪم پوءِ نتيجو)

جنهن اڃان تائين کو قدم نہ کيون هجي يا کنهن ٻئي رستي تي راهي ٿيو هجي تہ اهو ڪئين حقيقت کي سمهجي سگهي ٿو ۽ ڪئين پنهنجي منزل مقصود تائين پنهنجي سگهي ٿو؟

ان بنا تي دل کي دريا سان ملائڻ جي ڪوشش ڪريو چاڪاڻ تہ نجاد جي ڪشتي دريا ۾ ئي آهي. يقين ڪريو جيڪو محبت جي دريا ۾ نجاد جي ڪشتي جو خدا هجي اهو کڏهن بہ بلائن ۾ گرفتار ٿي غرق نہ ٿيندو.

هاڻي اسان جيڪو واقعو توهان جي سامهون بيان ڪيون ٿا اهو بہ انهن منجهان هڪ آهي:

مرحوم ابوالحسن طالقاني (پاڻ مرحوم مرزا شيرازي جي شاگردن منجهان آهن) بيان ڪن ٿا تہ: آئون ڪجهہ دوستن سان گڏ ڪربلاء جي زيارت ڪري سامره جي طرف وڃي رهيو هيس. ظهر جي ٽائيم اسان "وجيل" نالي گوٺ

---

[٤]. بحارالانوار: ج، ٦٨، ص،١٩٠

۾ ترسياسين تہ جيئن ماني كائڻ ۽ ڪجھ دير آرام ڪرڻ كانپوءِ عصر جي وقت اتان كان روانا ٿيون.

اتي اسان جي ملاقات سامره جي هڪ طالب علم سان ٿي جيڪو ڪنهن ٻئي طالب علم سان گڏ هيو. اهي منجهند جي مانيءَ لاءَ ڪجھ خريد ڪرڻ آيا هئا. مون ڏٺو تہ جيڪو شخص سامره جي طالب علم سان گڏ هيو اهو ڪجھ چپن ۾ چئي رهيو هيو. مون غور سان ٻڌو تہ مونكي معلوم ٿي ويو تہ اهو عبراني زبان ۾ توريت جي تلاوت ڪري رهيو هو. مون كي تعجب ٿيو. مون سامره م رهڻ واري طالب علم كان پڇيو تہ هي صاحب ڪير آهي ۽ ان عبراني زبان ڪٿان ياد ڪئي آهي؟

ان جواب ڏنو: هي شخص نئون مسلمان ٿيو آهي ۽ ان كان پهريان يهودي هيو.

مون چيو: ڏاڍو پلو؛ پوءِ يقينا ڪو واقعو ٿيو هوندو تون اهو واقعو ٻڌاءِ.

نئين مسلمان ٿيل طالب علم وراڻيو: هي واقعو ڏگهو آهي جڏهن پاڻ سامره ڏانهن روانہ ٿيندا سين تہ آئون توهان كي اهو تفصيل سان واقعو بڌائيندس.

عصر جو وقت ٿي ويو ۽ اسان سامره ڏانهن راونگي ڪئي. مون ان كي چيو هاڻي توهان مون كي پنهنجو واقعو ٻڌايو. ان وراڻيو:

آئون مديني جي ويجهو خيبر جي يهودين منجهان هيس. خيبر جي چوڌاري ڪجھ گوٺ موجود آهن جاتي رسول خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي زماني كان اڄ ڏينهن تائين يهودي آباد آهن انهن گوٺن ۾ لائبريري لاءِ هڪ ننڍي

جڳهه هئي. جنهن ۾ هڪ پراڻو ڪمرو هيو. ان ڪمري ۾ توريت جو هڪ قديم نسخو رکيل هيو جيڪو چمڙي تي لکيل هيو. ان ڪمري کي هميشہ تالو لڳل هوندو هيو، پهريان ماڻهن تاکيد ڪئي هئي تہ ڪنهن کي بہ ان ڪمري جو تالو کولڻ ۽ توريت پڙهڻ جي جازت نہ آهي. مشهور اهو هيو تہ جيڪو بہ ان توريت کي ڏسندو ان جو دماغ ڪم ڪرن ڇڏي ڏيندو ۽ اهو ديوانو ٿي ويندو ۽ خاص ڪري ڪو جوان ان ڪتاب کي نہ ڏسي!

ان کانپوءِ ان چيو: اسان بہ پائر هئاسين ۽ اسان سدائين سوچيندا هئا سين تہ اسان کي ان قديم توريت جي زيارت ڪرڻ گهرجي. اسان ان شخص وٽ ويا سين جنهن وٽ ان ڪمري جي چابي هئي ۽ اسان ان کي درخواست ڪئي تہ اهو ڪمري جو دروازو کولي پر ان سختي سان منع ڪئي.

چاڪاڻ تہ "اَلْاِنْسَانُ حَرِيْصٌ عَلٰى مَامُنِعَ" يعني انسان کي جنهن شيءِ کان روڪيو وڃي اهو ان جي گهڻي لالچ ڪندو آهي. ان ڪري اسان ۾ ان ڪتاب جي پڙهڻ جو گهڻو شوق پيدا ٿي ويو. اسان ان کي ڪافي رقم ڏني تہ جيئن هو اسان کي ان ڪمري م وڃڻ ڏي.

اسان جيڪو وقت معين ڪيو هو، ان جي مطابق اسان ٻئي ان ڪمري ۾ داخل ٿي ويا سين ۽ اسان آرام سان ان توريت جي زيارت ڪئي ۽ ان جو مطالعو ڪيو. ان ۾ هڪ صفحو مخصوص طور تي لکيو ويو هيو جيڪو گهڻو جاذب نظر اچي رهيو هو. جڏهن اسان ان تي غور ڪيو تہ اسان ڏٺو تہ ان تي لکيل هيو" آخري زماني ۾ عربن ڏانهن هڪ پيغمبر موڪليو ويندو" ان ۾ ان

جون تمام خصوصيتون ۽ اوصاف حسب ۽ نسب جي لحاظ کان بيان ڪيا ويا هئا. پڻ ان جي ٻارنهن وصين جا نالا ٻہ تحرير ڪيا ويا هئا. مون پنهنجي پاڻ کي چيو: بهتر هي آهي تہ پاڻ هي صفحو لکي ونون ۽ ان پيغمبر جي جستجو ڪيون. اسان اهو صفحو لکيو ۽ اسان ان پيغمبر جا عاشق ٿي وياسين.

هاڻي اسان جو ذهن فقط ان پيغمبر جي تلاش ڪرڻ جي باري ۾ سوچيندو هيو. پر ڇو جو اسان جي شهر کان ماڻهن جي اچ وچ نہ هئي ۽ رابطي ڪرڻ جو ٻہ ڪو انتظام نہ هيو. ان ڪري اسان کي ڪابہ شيءِ حاصل نہ ٿي ايستائين جو ڪجهہ مسلمان تاجر خريد ۽ فروخت جي لاءِ اسان جي شهر آيا. مون لکي ڪري انهن منجهان هڪ شخص کان ڪجهہ سوال ڪيا، ان شخص جيڪي رسول خدا ﷺ جا حالات ۽ نيشانيون ٻڌايون اهي سڀ ائين هيون جئين اسان توريت ۾ ڏٺيون هيون سين. آهستي آهستي اسان کي دين اسلام جي سچائيءَ جو يقين ٿيڻ لڳو. پر اسان ۾ ان جي اظهار ڪرڻ جي همٿ نہ هئي. اميد جو فقط هڪ ئي رستو هو تہ اسان پنهنجي شهر مان لاڏاٽو ڪري وڃون.

مون ۽ منهنجي پاڻ اتان پڃي وڃڻ لاءِ ويچار ڪندي اسان هڪ ٻئي کي چيو: مدينو هتان کان ويجهو آهي ٿي سگهي ٿو تہ يهودي اسان کي گرفتار ڪري وڃن بهتر اهو آهي تہ پاڻ مسلمانن جي ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن هجرت ڪري هلون.

اسان موسل ۽ بغداد جو نالو ٻڌو هو. منهنجو بابو ڪجهہ وقت پهريان فوت ڪري ويو هيو ۽ ان پنهنجي اولاد لاءِ وصي ۽ وڪيل معين ڪيو هو. اسان ان وڪيل وٽ وياسين ۽ اسان ان کان ٻہ سواريون۽ ڪجهہ روڪ پيسا ٻہ ورتا.

اسان سوار ٿيندي جلدي عراق جي طرف سفر ڪرڻ شروع ڪري ڏنو اسان موصل جي ادريس پچا ڪئي. ماڻهن ادريس ٻڌائي. اسان شهر ۾ وارد ٿياسين ۽ رات مسافر خاني ۾ گذاري.

صبح ٿي ته ان شهر جا ڪجهه ماڻهو اسان وٽ آيا ۽ انهن چيو: ڇا توهان پنهنجيون سواريون وڪڻڻ چاهيو ٿا؟ اسان جواب ڏنو ته: نه اجان تائين اسان جي هن شهر ۾ ڪا خبر نه آهي. اسان انهن جي ڳالهه موٽائي ڇڏي. آخرڪار انهن چيو جيڪڏهن توهان انهن کي نه وڪڻندئو ته اسان توهان کان زبردستي وٺنداسين. اسان مجبور ٿي وياسين ۽ پنهنجيون سواريون وڪٽي ڇڏيون سين. اسان چيو هي شهر رهڻ جي قابل ناهي هلو بغداد ٿا هلو.

پر بغداد وڃڻ لاءِ اسان جي دلين ۾ هڪ قسم جو خوف هيو. اسان کي هي خوف هيو ته ڪاڻي اسان جي پڇي وڃڻ جي انهن کي خبر نه پئجي وئي هجي ۽ هو اسان کي ڳولهي نه وڃن.

بهرحال اسان بغداد ۾ داخل ٿي وياسين ۽ اسان رات جو مسافرخاني ۾ رهياسين. ٻئي ڏينهن صبح ٿي ته مسافرخاني جو مالڪ ڪمري ۾ آيو. جڏهن ته اهو هڪ ٻيڙو شخص هيو ان اسان جي باري ۾ پچا ڪئي. اسان مختصر طور تي پنهنجو واقعو بيان ڪيو ۽ اسان ان کي ٻڌايو ته اسان خيبر جي يهودين منجهان آهيون ۽ اسان اسلام جي طرف رغبت رکون ٿا اسان کي ڪنهن مسلمان عالم دين وٽ وڃي هلو جيڪو اسلام جي باري ۾ اسان جي رهنمائي ڪري.

ان ٻڌڑي شخص جي چپن تي مسڪراهٽ ظاهر ٿي ۽ ان پنهنجي ٻنهين هٿن کي پنهنجي اکين تي رکندي وراڻيو: هائو، هلو بغداد جي قاضي جي گهر هلون ٿا. اسان ان سان گڏجي بغداد جي قاضي سان ملڻ لاءِ هليا وياسين. اسان پنهنجو مختصر تعارف ڪرائيندي پنهنجو واقعو ان سان بيان ڪيو ۽ اسان ان کان تقاضا ڪئي ته اهو اسان کي اسلام جي احڪامن کان آشنائي ڪرائي.

ان چيو: جي هان! پوءِ ان توحيد ۽ اثبات توحيد جي باري ۾ ڪجهه دليلَون پيش ڪيون، ان کانپوءِ رسول خدا ﷺ جي رسالت ۽ سندس خليفن ۽ صحابين جو ذڪر ڪيو.

ان چيو رسول خدا ﷺ کان بعد عبد الله ابن ابي قحافه حضرت جو خليفو هو. مون چيو عبدالله ڪير آهي؟ مون جيڪي نالا توريت ۾ پڙهيا آهن هي نالو انهن منجهان نه آهي! بغداد جي قاضي چيو: هي اهو آهي جنهن جي نياڻي رسول خدا ﷺ جي گهرواري آهي. اسان وراڻيو: بلڪل ائين نه آهي؛ چاڪاڻ ته اسان توريت ۾ پڙهيو آهي ته پيغمبر ﷺ جو جانشين اهو آهي جنهن جي گهرواري رسول خدا ﷺ جي نياڻي آهي.

جڏهن اسان ان کي اها ڳالهه ٻڌائي ته ان جي چهري جو رنگ پيلو ٿي ويو ۽ اهو غصي ۽ عضب سان اٿي چيو: ان رافضي کي هتان کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ان مون کي ۽ منهنجي ياءُ کي ماريندي اتان کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. اسان مسافرخاني ڏانهن واپس هليا آياسين. اتان جو مالڪ به ان ڳالهه تي ناراض هيو ۽ ان به اسان کان بي رخي اختيار ڪئي.

ان مولاڻات ۽ قاضي سان ڳالهه ٻولهه ٿيڻ ۽ ان جي ان رويه ڪانپوءِ اسان حيراني‌ءَ ۾ پئجي وياسين ۽ اسان کي هي‌ءَ خبر نه هئي ته "رافضي‌ءَ) جي ڇا معنيٰ آهي ۽ قاضي اسان کي ڇو رافضي چيو ۽ اتان کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

منهنجي ۽ منهنجي ياڻُ جي وچ ۾ هي گفتگو اڌ رات تائين هلندي رهي ۽ ڪجهه دير لاءِ غمگيني‌ءَ جي حالت ۾ سمهي رهياسين. اسان مسافرخاني جي مالڪ کي سڏيو ته جيئن اهو اسان کي ان مشڪل کان نجات ڏي. ٿي سگهي ٿو ته اسان کي قاضي‌ءَ جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي آهي. ان چيو : جيڪڏهن توهان حقيقت ۾ آئين اسلام جا طلبگار آهيو ته جيڪو ڪجهه قاضي چوي ان کي قبول ڪريو.

اسان چيو: اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اسان ته اسلام جي لاءِ پنهنجو مال، گهر، رشتيدار ۽ سڀ ڪجهه ڇڏي آيا آهيون اسان جو ان کانسواءِ ڪو به مقصد نه آهي.

ان چيو: هلو آئون توهان کي هڪ پيرو ٻيهر قاضي وٽ وٺي هلان ٿو. پر ان جي مرضي جي خلاف کا به ڳالهه نه ڪجو. اسان وري قاضي جي گهر هليا وياسين.

اسان جي ان دوست چيو: توهان جيڪو ڪجهه چوندئو هي قبول ڪندا.

قاضي‌ءَ ڳالهه ڪرڻ شروع ڪري ڏني واعظ ۽ نصيحت ڪئي. مون چيو: اسان ٻئي ياٿر پنهنجي وطن ۾ ئي مسلمان ٿي ويا هئاسين ۽ اسان ايترو پري فقط ان ڪري آيا آهيون ته جئين اسان اسلام جي احڪامن جي ڄاڻ حاصل

ڪري سگھون. ان ڪانسواءِ اسان جو ڪوبہ مقصد نہ آھي جيڪڏھن توھان اجازت ڏيو تہ اسان جا ڪجھ سوال آھن؟ قاضي چيو جيڪو پڇڻ چاھيو ٿا پڇو.

مون چيو: اسان صحيح ۽ قديم توريت پڙھي آھي ۽ ھاڻي آئون جيڪو ڪجھ بہ چوندس اھو اسان ان ئي ڪتاب مان لکيو آھي. اسان آخري پيغمبر (ص) ۽ ان جي خليفن ۽ جانشينن جا تمام نالا، صفتون ۽ نشانيون اتان ئي لکيون آھن. جيڪي اسان وٽ آھن پر انھن ۾ عبدالله ابن ابي قحافہ جي نالي جھڙو ڪو بہ نالو نہ آھي.

قاضيءَ چيو: تہ پوءِ ان توريت ۾ ڪنھن جا نالا لکيل آھن؟ مون چيو: پھريون خليفو رسول خدا (ص) جو داماد ۽ سندس چاچي جو پٽ آھي. ايجان منھنجي ڳالھہ پوري نہ ٿي ھئي تہ ھن اسان جي مٿان بدبختيءَ جا ڏُھُولَ وڄائڻ شروع ڪري ڏنا. اھا ڳالھہ ٻڌندي ئي قاضي پنھنجي ڪرسي تان اٿي بيھي رھيو ۽ جيستائين ان کي ٿي سگھيو ان پنھنجي جتيءَ سان منھنجي ۽ منھنجي پاءُ جي مٿي کي ماريو ۽ مون وڏي مشڪل سان پنھنجي جان ڇڏائي اتان کان ڀڄي وياسين، منھنجو پاءُ مون کان بہ پھريان تان کان ڀڄي ويو ھو.

آئون بغداد جي گھٽين ۾ رستو پلجي ويس ۽ مونکي ڪابہ خبر نہ ھئي تہ مان پنھنجي ان خون سان رنگين چھري ۽ مٿي سان گڏ ڪاڏي وڃان. ڪجھ دير ھلڻ ڪانپوءِ ھلندي ماريندي درياء دجلہ جي ڪناري تائين پھچي ويس ڪجھ دير تائين اتي بينو رھيس پر مون محسوس ڪيو تہ منھنجي پيرن ۾ بيھڻ جي طاقت نہ رھي آھي. آئون ويھي رھيس ۽ پنھنجي غربت، بک، خوف ۽ پنھنجي تنھائيءَ تي روئيندي افسوس ڪري رھيو ھيس.

اوچتو هڪ نوجوان هٿ ۾ بہ لونا ڪٹي دريا منجهان پاڻي پرڻ لاءِ آيو ان جي مٿي تي سفيد عمامو هيو اهو مون سان گڏ دريا جي ڪناري ويهي رهيو جڏهن ان جوان منهنجي اها حالت ڏٺي تہ ان مون کان پڇيو: توکي ڇا ٿيو آهي؟ مون وراڻيو تہ: آئون مسافر آهيان ۽ هتي مصيبت ۾ گرفتار ٿي ويو آهيان.

ان چيو تون مونکي پنهنجو پورو واقعو ٻڌاءِ؟

مون چيو: آئون خيبر جي يهودين منجهان هيس. مون اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجي ياءُ سان گڏ هزارين مصيبتون برداشت ڪري هيستائين پهتاسين. اسان اسلام جا احڪام سکڻ چاهيون پيا پر ان منهنجو هي حال ڪيو آهي (ان پنهنجي زخمي چهري ۽ مٿي ڏانهن اشاور ڪيو).

ان فرمايو تہ: آئون توکان پڇان ٿو تہ يهودين ۾ ڪيترا فرقہ آهن؟ مون چيو گهٽائي فرقہ آهن.

ان فرمايو: ايڪهتر فرقہ ٿي چڪا آهن. ڇا سڀ جا سڀ حق تي آهن؟

مون چيو: نہ.

ان فرمايو: نصاریٰ جا ڪيترا فرقہ آهن؟

مون چيو: انهن ۾ بہ مختلف فرقہ آهن.

ان فرمايو: ٻاهتر فرقہ آهن، ڇا انهن منجهان سڀ جا سڀ حق تي آهن؟

مون چيو: نہ.

وري ان فرمايو: اهڙي طرح اسلام جا بہ ڪيترائي فرقہ آهن. انهن جا ٽيهتر فرقہ ٿي چڪا آهن پر انهن منجهان فقط هڪ فرقو حق تي آهي.

مون چيو: آئون بہ ان فرقي جي جستجو ۾ آهيان، هاڻي تون ٻڌاءِ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ان مغرب جي طرف اشارو ڪندي فرمايو، ڪاظمين جي طرف وڃ ۽ پوءِ شيخ محمد حسن آل ياسين وٽ وڃ اهو تنهنجي حاجت پوري ڪري ڇڏيندو. آئون اتان کان روانو ٿي ويس ۽ ان ئي وقت اهو جوان ان جڳهہ کان غائب ٿي ويو. مون ان کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان جو ڪو نالو نشان نہ مليو. مون کي ڏاڍو تعجب ٿيو. مون پنهنجي پاڻ کي چيو: هي جوان ڪير هيو ۽ ڪٿان جو هيو؟ ڇاڪاڻ تہ گفتگو جي دوران مون جڏهن توريت ۾ لکيل پيغمبر ۽ ان جي جانشينن جي صفتن جي باري ۾ ڳالهہ ڪئي تہ ان فرمايو: ڇا تون هي ڇاهين ٿو تہ آئون تنهنجي لاءِ اهي صفتون بيان ڪيان؟ مون عرض ڪيو: سائين توهان ضرور بيان ڪيو. ان انهن صفتن کي بيان ڪرڻ شروع ڪيو تہ منهنجي دل ۾ اهو خيال آيو تہ جئين خيبر واري توريت کي ان پاڻ لکيو آهي، جڏهن هو منهنجي نظرُن کان غائب ٿي ويو تہ آئون سمجهي ويس تہ هو ڪا وڏي بزرگ شخصيت هئي اهو ڪو عام انسان نہ هو. ان ڪري مونکي هدايت جو يقين ٿي ويو.

مون کي ان جي ڳالهين تي اعتبار ٿي ويو ۽ مون پنهنجي پاءُ جي ڳولا ڪرڻ شروع ڪري ڏني بالآخر اهو مونکي ملي ويو.

آئون بار بار ڪاظمين ۽ شيخ محمد حسن آل ياسين جو نالو ونڊي رهيو هيس تہ جئين ان جو نالو وسري نہ وڃي.

منهنجي ياءُ مون کان پڇيو تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي ۽ پوءِ مون ان کي پورو واقعو ٻڌايو. اهو ڏاڍو خوش ٿيو.

بالآخر اسان پڇا ڪندي ڪاظمين پهچي وياسين ۽ شيخ محمد حسن آل ياسين جي گهر پهچي وياسين. اسان شروع کان آخر تائين پورو واقعو ان جي سامهون بيان ڪيو. اهو شيخ بيهي رهيو ۽ گهٽو روئڻ لڳو ۽ منهنجي اکين کي چمندي فرمايو: تون انهن اکين سان حضرت ولي عصر (عج) جي جمال جي زيارت ڪئي آهي.

اهي ڪجهہ ڏينهن شيخ محمد حسن جا مهمان رهيا ۽ شيعت جي حيات بخش عقيدن کان ڄاڻ حاصل ڪئي.

جي هان! اهي پنهنجي پوري شوق ۽ رغبت سان حق جي تلاش لاءِ نڪتا هيا جنهن جي لاءِ انهن ڪيتريون ئي تڪليفون برداشت ڪيون. پنهنجو گهر ۽ وطن ڇڏيو پر انهن پنهنجي ڪوشش ۽ جستجو جاري رکي ۽ آخر ۾ انهن کي حضرت امام زمانہ (عج) جي عنايتن جي منزل ملي وئي.

اڄ بہ ڪيترائي ماڻهون شيعت جي حقانيت کان آگاهہ آهن پر ڪجهہ ٻين علتن جي ڪري اهي ماڻهون تشيع جي جهنڊي جي سائي ۾ نہ ٿا اچن ۽ پنهنجي مذهب کان پري ٿا رهن. اسان هي جيڪو واقعو ذڪر ڪيو آهي اهو اهڙي قسم جي ماڻهن لاءِ هڪ نمونو آهي. انهن کي هن ڳالهہ جي خبر هجڻ گهرجي تہ:

نابرده رنج گنج ميّسر نمي شود

مزد آن گرفت جان برادر کہ کار کرد

جيڪڏهن اهي حقيقت جي ڳولا ۾ آهن تہ انهن کي هر قسم جي مشڪلات کي برداشت ڪرڻو پوندو ۽ سپاڻي جي انتظار ۽ مستقبل جي تمنا ۾ نہ ويهن.

حضرت امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

إِيَّاكُمْ وَالْإِيكَالَ بِالْمُنَى فَإِنَّهَا مِنْ بَضَائِعِ الْعَجَزَةِ[٥]

پنهنجي ڪمن کي آرزن جي حوالي ڪرڻ کان پرهيز ڪيو ڇاڪاڻ تہ ڪمن کي آرزن جي حوالي ڪرڻ جو سرمايو عجز ۽ ناتواني آهي.

هر کہ دانہ نقشاند بہ زمستان در خاک

نا اميدي بود از دخل بہ تابستانش

ان بنا تي اهل بيت عليهم السلام جي حيات بخش دين جي عاشقن کي گهرجي تہ پنهنجين اميدن ۽ آرزن کي ڇڏي ڪري حقيقت تائين پهچڻ لاءِ جستجو ۽ ڪوشش ڪن. ڇاڪاڻ تہ جستجو ۽ ڪوشش عظيم ماڻهن جو عملي نعرو ۽ حقيقي اسلام جي نشاني آهي. ان لاءِ ئي تہ چيو ويو آهي: ڪوشش ڪاميابي جي ڪونجي (چابي) آهي.

ڪم ۽ ڪوشش جي ذريعي پنهنجي ارادي کي مضبوط ۽ پختو ڪيو. توهان جي ڪوشش توهان جي شخصيت ۽ ارادي جي حڪايت ڪندي آهي. ڪم ۽ ڪوشش ڪيو تہ جئين بيڪار خيالن ۽ شيطاني وسوسن کان بچي سگهو.

---

٥. بحارالانوار: ج، ٦٨،ص، ١٨٨

## ڄاڻيندي ڪم جو آغاز ڪريو:

امام ۽ ولايت جي پهرين ڪڙي حضرت امام علي عليہ السلام ڪم ۽ جستجو کي علم ۽ معرفت جي بنيادي شرط قرار ڏيندي امت جي هدايت جي لاءِ پنهنجي فرمانن ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ: انسان بصير ۽ روشن دل جي ذريعي ابتدا ۾ ئي ڄاڻيندو آهي تہ ان ڪم جو نتيجو ان جي فائدي ۾ آهي يا ان جي نقصان ۾ آهي. پاڻ اِن حقيقت کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

فَالنَّاظِرُ بِالْقَلْبِ الْعَامِلُ بِالْبَصَرِ يَكُونُ مُبْتَدَأً عَمَلِهِ أَنْ يَعْلَمَ أَعَمَلُهُ عَلَيْهِ أَمْ لَهُ[٦]

جيڪو دل جي ذريعي ڏسي ۽ بصيرت سان عمل ڪري! اهو ڪم جي شروعات ۾ ئي ڄاڻيندو آهي تہ هي ڪم ان جي لاءِ نقصان آهي يا فائديمند آهي.

چہ نيكو متاعي است كار آگهي

كزين نقد عالم مبادا تهي

ز عالم كسي سر بر آرد بلند

كو در كار عالم بود هوشمند

## ڪم جي شرطن ۽ ان جي رڪاوٽن کي مد نظر رکون:

پنهنجي ڪمن جي نتيجي تائين پهچڻ لاءِ ڪمن جي شرطن ۽ وسيلن کي آماده ڪريون ۽ انهن جي لاءِ ضروري شين کي انجام ڏيون. پوءِ پنهنجي

---

[٦]. بحارالانوار؛ ج،١، ص،٢٠٩

كمن جي نتيجي ۽ هدف تائين پهچڻ لاءِ ثابت قدم رهون. ڇوجو حضرت اميرالمومنين علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

(وَمَنْ لَا بَدَّ الْأُمُورَ عَطِبَ[٧])

جيڪو ڪم جي ساز و سامان کي آماده ڪرڻ کانسواءِ سختين کي برداشت ڪندو، اهو نابود ۽ هلاڪ ٿي ويندو.

هر سڀني پروگرام کي انجام ڏيڻ لاءِ ان جي شرطن ۽ اسباب کي فراهم ڪرڻ کان علاوه ان جي مشڪلات کان آگاهي حاصل ڪرڻ ضروري آهي تہ جئين مشڪلاتون هدف تائين پهچڻ کان رڪاوٽ نہ بڻجن سگهن.

ان بناء تي ڪم ۽ ڪوشش جي نتيجي تائين پهچڻ لاءِ اهڙين شين کي پنهنجي رستي تان صاف ڪريو جيڪي توهان جي ڪمن ۽ ڪوششن جي نتيجي کي تباه ۽ ختم ڪري ڇڏيندیون آهن. هي بہ ممڪن آهي تہ ڪا هڪ غلطي توهان جي سڄي محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏي.

اڪثر ماڻهون پنهنجن مقصدن تائين پهچڻ لاءِ محنت ۽ جستجو ڪندا آهن پر ان جي باوجود بہ انهن کي فقط ڏکن ۽ مصيبتن کانسواءِ ڪجهہ ناهي ملندو.

امير المومنين حضرت علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

رُبَّ سَاعٍ فِيمَا يَضُرُّه[٨].

---

[٧]. تحف العقول: ص، ٨٨، بحارالانوار: ج، ٧٧، ص، ٢٣٨

[٨]. شرح‌نهج‌البلاغة؛ج، ١٦، ص، ٩٦

ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڪم ۾ ڪوشش ڪندو ته آهي پر ان کي نقصان پهچندو آهي.

جيڪڏهن اسان هي چاهيون ٿا ته اسان جيڪو ڪم انجام ڏنو آهي اهو پنهنجي مقصد تائين پهچي ۽ اسان ان ڪم کي انجام ڏيڻ لاءِ جيڪي تڪليفون برداشت ڪيون آهن اهي بي نتيجا نه ٿين ته اسان کي ان ڪم جي راهه ۾ وڇايل رڪاوٽ وارين شين کان آگاه ٿڻو پوندو

هاڻي اسان نموني طور ضروري ڪمن جي راهه ۾ وڇايل رڪاوٽن ۽ مانع شين منجهان بن اهم شين کي ذڪر ڪيون ٿا:

## ڪم ۽ ڪوشش جا مانع:

### خراب ڪمن جي عادت:

ڪم ۽ ڪوشش جي رڪاوٽن منجهان هڪ رڪاوٽ گذريل ڪمن جي خراب عادت جو گهڻو هجڻ آهي. هي موثر ڪمن جي نتيجي بخش هجڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ جي طور تي شمار ڪئي ويندي آهي ۽ ان جا ڪيترائي تجرباتي اثرات موجود آهن.

ان ڪري حضرت امام علي عليه السلام ان کي رياضتن جي آفت ۽ فعاليت کي نابود ڪرڻ وارو سمجهندي فرمايو آهي ته:

آفَةُ الرياضَةِ غَلَبَةُ العادَةِ[٩]

عادت جو گهڻو هجڻ رياضت جي آفت آهي.

خراب ڪمن جي عادت مخلتف شين جي ڪم ۽ ڪوشش جي اثرات کي نست نابود ڪري ڇڏيندي آهي جهڙي ريت مختلف قسمن جا بيڪٽيريا ۽ جراثيم انسان جي بدن ۽ صحت جي لاءِ نقصان ڪار هوندا آهن اهڙي ريت خراب ۽ نا پسند ڪمن جي عادت ضروري شين جي اثرات ۽ نتيجن کي نابود ڪري ڇڏيندي آهي.

اسان کي مخلتف ڪمن جي نتيجن تائين پهچڻ ۽ پنهنجي ڪم ۽ ڪوشش کي نتيجي بخش هجڻ جي لاءِ نہ رڳو فعاليت ڪرڻ گهرجي بلڪ پنهنجي ڪوششن کي بي ثمر ڪرڻ واري سيني خراب عادتن تي غلبو ڪرڻ گهرجي.

ان ڪري ئي حضرت امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

الفضيلة غلبة العادة[١٠].

عادت تي غلبو ڪرڻ ، فضيلت آهي.

ان بناء تي انساني فضيلتن جي حصول لاءِ نہ رڳو ڪم ۽ ڪوشش ڪرڻ گهرجي بلڪ خراب ۽ بيڪار عادتن تي بہ غلبو ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن خراب پاڻي جي حوض ۾ صاف پاڻي هاريو وجي تہ گندي پاڻيءَ جو حوض صاف

---

٩. غررالحكم: ص، ٢٣٨

١٠. غررالحكم: ص، ٣٢٢

پاڻي وجهڻ سان صاف پاڻي ۾ تبديل نه ٿيندو، ها: فقط ان صورت ۾ ممڪن آهي ته ايترو صاف پاڻي وڏو وجي جو گندي پاڻيءَ تي غلبو ڪري وجي ۽ گندي پاڻيءَ کي حوض مان ڪڍيو وجي. ان صورت ۾ حوض جو پاڻي صاف ٿي ويندو. خراب عادتون به ان گندي پاڻيءَ وانگر آهن جيڪي انسان جي وجود کي خراب ڪري ڇڏيندیون آهن ۽ جڏهن انسان فضيلت وارو ٿي وجي ته اهو پنهنجي وجود منجهان خراب عادتن کي صاف ڪري ۽ ان تي غالب اچي وجي. پر جيڪڏهن ان جي مٿان ناپسنديده عادتون غالب اچي وجن ته پوءِ سڀ ڪم گندي پاڻي جي حوض ۾ ان صاف پاڻيءَ وانگر ٿي ويندا جيڪي ان پاڻي جي گندگي کي ختم نه ڪري سگهندا آهن. بلڪ اهو صاف ۽ شفاف پاڻي ۾ گندو ٿي ويندو. پاڻي جي گندگي کي ختم ڪرڻ لاءِ ان ۾ ايترو صاف پاڻي وڏو وجي ته جئين اهو گندي پاڻيءَ تي غالب اچي وجي.

ناپسند يده عادتن کي دور ڪرڻ جي لاءِ ايتري قدر سڀ ڪم انجام ڏنا وجن ته جئين پنهنجي پاڻ کان خراب عادتون پري ٿي وجن نه ته سڀن ۽ پسنديده ڪمن جو ڪو به نتيجو حاصل نه ٿيندو.

ان بناءَ تي پنهنجي ڪمن ۽ فعاليت جي سڀني نتيجي حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي رڪاوٽن کي پري ڪيو وجي ۽ ان رڪاوٽن منجهان هڪ رڪاوٽ خراب ۽ غلط ڪمن کي انجام ڏيڻ جي عادت آهي.

مٿي ذڪر ٿيل قصي ۾ خيبر جي ٻن نوجوانن پنهنجي گذريل حالت جي عادت کان هٿ کيان جنهن جي نتيجي ۾ انهن فضيلت واري واٽ تي قدم وڌايو ۽ سعادتمندي واري زندگي حاصل ڪئي.

## ٽڪاوٽ ۾ بي حالي:

ڪمن کي انجام ڏيڻ ۾ هيءَ ٻئي رڪاوٽ آهي. اسان کي ٽڪاوٽ جي ڪري ڪم کي ڇڏي ڏيڻ نه گهرجي ڇاڪاڻ ته ڪيترن ئي موردن ۾ ٽڪاوٽ ڪوڙي هوندي آهي حقيقي ناهي هوندي. اهڙن موردن ۾ هوشياري سان ٽڪاوٽ کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن حقيقت ۾ ٽڪجي وجو ته ڪم ۾ تبديلي ڪري سگهو ٿا پر بي ڪار نه ويهڻ گهرجي.

امير المؤمنين حضرت امام علي عليه السلام پنهنجي هڪ وصيت نامي ۾ امام حسين عليه السلام کي فرمايو آهي ته:

يابني أوصيك.....بالعمل في النشاط والكسل[١١].

اي منهنجان فرزند! آئون تون کي ٽڪاوٽ ۽ ڪمزوري جي حالت ۾ ڪم ڪرڻ جي وصيت ڪيان ٿو.

ان وصيت کان هي استفادو ڪري سگهجي ٿو ته جيڪڏهن انسان ڪنهن ڪم کان ٽڪجي پوي ته ان کي ٽڪاوٽ جي ڪري بيڪار ويهڻ نه گهرجي بلڪ ان کي ان وقت ٻيو ڪو ڪم ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ڪم جي تديل ڪرڻ سان انسان جي ٽڪاوٽ ختم ٿيندي آهي.

---

[١١]. تحف العقول ص : ٨٨

ان بناء تي ٽڪاوٽ جي ڪري بيڪار ويهڻ کان بهتر آهي تہ پنهنجي ڪم ۾ تحول، تبديلي ۽ تنوع ڪندي پنهنجي پاڻ کان ٽڪاوٽ کي دور ڪري. بس حضرت علي عليہ السلام جي نوراني فرمانن کان استفادو ڪندي هي نتيجو ڪڍيو ٿو وڃي تہ ٽڪاوٽ کي بهانو بڻائي ڪم کي ڇڏي نہ ڏيڻ گهرجي.

بہ رنج اندرست اي خرد مند گنج

نيابد کسي گنج نابرده رنج

چو کاهل بود مرد بر نا بہ کار

از او سير گردد دل روز گار

حضرت علي عليہ السلام جي نوراني ڪلام مان هڪ ٻيون بهترين نڪتو بہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ٽڪاوٽ کهڙي بہ هجي (توڻي اها مسلسل هڪ ئي ڪم ڪرڻ جي ڪري هجي يا ڪم جي مشڪل هجڻ جي ڪري هجي يا وري ماڻهن جي توجهہ نہ هجڻ ڪري هجي) ان کي ڪم جي ڇڏي ڏيڻ لاءِ بهانو نٿو بڻائي سگهجي ڇاڪاڻ تہ اسان جيڪو ڪم منتخب(چونڊيو) ڪندا آهيون جيڪڏهن اهو دين ۽ شريعت جي لحاظ کان صحيح ۽ دل کي پسند هجي تہ ان کي ماڻهن جي ڳالهين جي ڪري ڇڏي ۽ نا اميد ٿي ويهڻ نہ گهرجي. بلڪ ان جي رنگ کي تبديل ڪري هڪ نئين صورت ڏني وڃي.

ڏسجي تہ ڪئين مرحوم محدث نوري (ره) ماڻهن جي ڳالهين تي ڌيان نہ ڏيندي ٻن ضروري ڪتابن جي خطي نسخن جي تلاش جاري رکي.

## ٻن خطي ڪتابن جي نسخن جي لاءِ ڳولا ۽ توسل:

مرحوم سيد اسد الله اصفهاني جو چوڻ آهي تہ: هڪ ڏينهن آئون محدث نوري (ره) سان گڏ ڪربلا مولا جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو. رستي ۾ ٻن ڪتابن جو نالو ونندي فرمايو؛ مونکي انهن ٻنهي ڪتابن سان ڏاڍو لڳائو آهي پر اڄ ڏينهن تائين پنهنجي سڄي ڪوشش جي باوجود بہ مونکي اهي ٻئي ڪتاب هٿ نہ آيا آهن، پر هن سفر ۾ اميد آهي تہ اهي ٻئي ڪتاب حضرت امام حسين عليہ السلام جي توّسل سان ملي ويندا. مرحوم ان ڳالهہ کي ڪجهہ پيرا تڪرار ڪيو؛ ايستائين جو اسان ڪربلا مولا ۾ داخل ٿي وياسين ۽ حضرت امام حسين عليہ السلام جي زيارت ڪري ٻاهر آياسين تہ عورتن واري پاسي کان اسان هڪ عورت کي ڏٺو ان جي هٿ ۾ بہ ڪتاب هئا.

محدث نوري چيو: هي ٻئي ڪهڙا ڪتاب آهن؟ ان عورت وراڻيو: هي ٻئي ڪتاب فروخت ڪرڻ لاءِ آهن. جڏهن اسان انهن ڪتابن کي ڏٺو تہ اهي ٻئي ڪتاب اهي ئي هئا جيڪي مرحوم محدث نوري (ره) کي پسند هئا ۽ جنهن جي اسان کي ڳولا هئي.

محدث نوري ان عورت کان پڇا ڪئي تہ: انهن جي ڇا قيمت آهي؟ ان عورت وراڻيو: ٻاويهہ قرآن.

محدث نوري مونکي چيو: جيڪي تو وٽ پئسا آهن ڏي. اسان سي پئسا ملائيا تہ ڇهن قرآنن جي قيمت کان وڌيڪ نہ ٿيا اسان اهي ئي پيسا ان عورت جي حوالي ڪيا.

مون دل ۾ سوچيو تہ: اسان اجان آيا ہ مس آهيون ۽ اجان ماني ہ نہ ڪاڏي آهي ۽ سڀ جا سڀ پئسا ہ انهن ڪتابن جي لاءِ ڏئي ڇڏيا آهن پر اسان انهن ڪتابن جا بقايا پئسا ڪٹان آڻيندا سين؟

مرحوم نوري ان عورت کي چيو تہ: اسان سان گڏ اچ. اسان بازار وياسين مرحوم نوري پنهنجو عمامو، عبا ۽ قبا وڪتو پر ان جي باوجود ہ پئسا گهٹ هئا، وري مرحوم نوري پنهنجي جتي وڪتي. آخر ڪار ٻاويهہ قرآن پورا ٿي ويا ۽ اسان اهي پئسا ان عورت کي ڏئي ڇڏيا.

ان ڪانپوءِ مرحوم نوري وٹ فقط قميص، شلوار ۽ صدريءَ ڪانسواءِ ڪجهہ ہ نہ هيو! مون عرض ڪيو: سائين توهان پنهنجو هي ڇا حال ڪري ڇڏيو؟ مرحوم نوري فرمايو: هي گهٹو آسان آهي اسان درويش آهيون! اسان انهي حالت ۾ صحن شريف ۾ داخل ٿياسين تہ اسان جي ڪجهہ دوستن سان ملاقات ٿي. اهي ويا ۽ ڪجهہ ڪپڑا کڻي آيا. مرحوم نوري انهن ڪپڑن کي پاتو.

مرحوم محدث نوري شيعہ علماء منجهان پنهنجو مٹ پاڻ هجڻ سان گڏوگڏ ثروتمند پڻ هئا. ڳولا ۽ توّسل جي ذريعي انهن ٻن نايا ب ڪتابن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ گهٹين ۽ بازارن ۾ عبا، قبا ۽ عمامي کانسواءِ ہ هلڻ لاءِ تيار هئا ۽ پاڻ ان کي پنهنجي جاه جلال ۽ عزت کان گهٹ نہ سمجهيو[۱۲].

[۱۲]. معجزات و ڪرامات آئمہ اطهار عليهم السلام؛ ص، ۷۲

## غور ۽ فكر كان كم وٺ:

كوشش، جستجو، سعي ۽ گهٽو كم كار كرڻ مومنن جي صفتن منجهان آهي. اهي پنهنجي ايمام ۽ كامل يقين سان كڏهن بہ بيكار نہ ويهندا آهن بلكہ هميشہ كم ۽ فعاليت جي ذريعي سان پنهنجي مقصدن تائين پهچڻ لاءِ كوشش كندا رهندا آهن.

امير المؤمنين حضرت علي عليہ السلام ان حقيقت كي بيان كندي هك مقام تي فرمايو آهي؛

المؤمن قليل الزلل كثير العمل[١٣].

مومن گهٽ غلطيون كندو آهي، گهٽو كم كار كندو آهي.

با ايمان شخص گهٽو كم كرڻ جي باوجود بہ تمام گهٽ غلطيون كندو آهي. هي شي پاڻ ان حقيقت جي گواهہ آهي تہ مومن ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ جون تمام گهٽيون صلاحتون هوندي آهن.

حضرت امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

التدبير قبل الفعل يؤمن العثار[١٤].

كم كي انجام ڏيڻ كان پهريان ان جي باري ۾ غور ۽ فكر كرڻ انسان كي خطائن كان محفوظ ركندو آهي.

---

[١٣]. غررالحكم: ص، ٨٩

[١٤]. غررالحكم: ص، ٣٥٤

هڪ ٻئي روايت ۾ حضرت امام علي عليہ السلام انسانن کي هوشياري ڏيارينديِ فرمائن ٿا:

اِيَّاكَ وَ أَنْ تَعْمَلَ عَمَلًا بِغَيْرِ تَدْبِيرٍ وَ عِلْمٍ[١٥].

ڪنهن بہ ڪم کي سوچ ۽ فڪر ڪانسواءِ انجام ڏيڻ کان پرهيز ڪيو.

امام عليہ السلام اجتماعي ڪمن کي انجام ڏين جي سلسلي ۾ فرمائن ٿا:

وَاجْعَلْ لِكُلِّ إِنْسَانٍ مِنْ خَدَمِكَ عَمَلًا تَأْخُذُهُ بِهِ فَإِنَّهُ أَحْرَى أَنْ لَا يَتَوَاكَلُوا فِي خِدْمَتِكَ[١٦].

پنهنجي خدمت گذار ماڻهن منجهان هر هڪ لاءِ ڪم معين ڪيو ۽ ان کان اهوئي ڪم ونو، چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ ان لاءِ مناسب آهي تہ اهي توهان جي خدمت گزاري ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي تي پروسو نہ ڪن.

ان حديث ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اجتماعي ڪمن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي لاءِ هر هڪ فرد جي لاءِ ان ڪم کي معين ڪيو وجي ۽ ان کان ئي ڪم ورتو وجي تہ جئين ان وٽ پنهنجو ڪم ٻين جي مٿي تي اڇلائڻ جو ڪو بہ بهانو نہ رهي.

پر انسان کي غور ڪرڻ گهرجي تہ جيڪڏهن انسان کي توفيق ملي تہ ان ۾ انانيت پيدا نہ ٿئي ۽ اهو هي بہ سوچڻ تي مجبور ٿئي تہ اهو جيڪو بہ ڪم انجام ڏئي رهيو آهي اهو ان جي پنهنجي قدرت، توانائي ۽ شخصي ارادي جي ڪري نہ آهي. چو جو انسان ۾ ارادو خدا جي توفيق سان ئي پيدا ٿيندو آهي.

---

[١٥]. بحارالانوار: ج، ٧٤، ص، ١١١

[١٦]. بحارالانوار: ج، ٧١، ص،١٤٣

ان سلسلي ۾ امام محمد باقر عليه السلام فرمائن ٿا:

فَاجْتَهِدُوا فِي طَاعَةِ اللَّهِ إِنْ سَرَّكُمْ أَنْ تَكُونُوا مُؤْمِنِينَ حَقّاً حَقّاً وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّه[١٧].

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته توهان جو شمار حقيقي مومنن منجهان ٿئي ته خدا جي اطاعت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ڇو ته هر ڪم جي طاقت فقط خدا جي وسيلي سان ئي ملندي آهي.

جيڪڏهن انسان کي گهٽي توفيق ملندي ته ان کي گهٽي کان گهٽا نيڪ ۽ مشڪل ڪم انجام ڏيڻ گهرجن ۽ ڪڏهن به غرور ۽ تڪبر نه ڪرڻ گهرجي، ۽ هي ڪڏهن به نه سوچن گهرجي ته ان جيڪا خدا جي بندگي ڪئي آهي اها ان جي پنهنجي توانائي جي ڪري هئي. چاڪاڻ ته جهڙي ريت امام جعفرصادق عليه السلام فرمايو آهي:

"لاقوّةَالابالله"

يعني ڪمن کي انجام ڏيڻ جي قدرت ۽ توانائي نه آهي سواءِ خدا جي وسيلي سان.

بس هي خدا جو خاص ڪرم فقط مومنن ۽ اولياءِ لاءِ ئي مخصوص آهي ۽ اهي خدا جي خاص توفيق جي ڪري ئي عبادت جهڙي سخت ۽ مشڪل ڪمن کي آساني سان انجام ڏيندا آهن.

قرآن مجيد ۾ خدا جو ارشاد آهي:

---

[١٧]. كافي؛ ج، ٨، ص، ١١

ما أَصابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللَّهِ وَما أَصابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَفْسِكَ وَأَرْسَلْناكَ لِلنَّاسِ رَسُولاً وَكَفى بِاللَّهِ شَهيداً[۱۸].

توهان تائين جيڪا بہ نيڪي پهتي آهي اها الله سائين جي طرفان آهي ۽ جيڪا بہ برائي پهتي آهي اها پاڻ توهان جي نفس جي طرفان آهي.

بس ان ما ثابت ٿيو تہ: تمام نيڪين جو خزانو خدا جي بابرڪت ذات آهي ۽ تمام برائن جو سر چشمو انسان جو نفس آهي جيڪو نفساني خواهشن ۽ شيطاني وسوسن جي ذريعي انسان کي گمراھ ڪندو آهي.

## بحث جو نچوڙ:

ڪوشش ۽ جستجو بلند هدفن تائين پهچڻ جو هڪ ذريعو آهي. ڪاميابي کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي نفس کي پنهنجي عقل جو تابع ڪرار ڏيندي اهڙي ڪمن کي انجام ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو جيڪي توهان کي سعادت ۽ ڪاميابي تائين پهچاڻ جو ذريعو ثابت ٿين. پنهنجي ڪمن جي مڪمل جاڻ رکو. سوچ ۽ فڪر سان مستقبل جي جاج پڙتال ڪريو.

## ڪم جا ضروري مقدم فراهم ڪندي ان جي روڪ واري شين کي بر طرف ڪريو:

جيڪڏهن توهان هي ارادو ڪيو آهي تہ توهان جو مستقبل بہ وڏين شخصيتن وانگر روشن ٿئي تہ يقين ڪريو گذريل زندگي جي عادت توهان جي

---

۱۸. سوره نساء آيت ۷۹

هدفن جي راهه ۾ سپ کان وڏي رڪاوٽ آهي. توهان کي پنهنجي گذريل تمام برين عادتن کي ختم ڪرڻ گهرجن ته جئين توهان پنهنجي ارادي جي ذريعي بهتر طريقي سان ڪم انجام ڏئي سگهو. جدوجهد ۽ ڪوشش ڪريو ۽ جيڪڏهن خدا گهريو ته توهان ضرور پنهنجي منزل ۽ مقصد کي حاصل ڪري سگهندو

چه کوشش نباشد تن زور مند

نيارد سر از آروها بلند

که اندر جهان سود بي رنج نيست

کسي را که کاهل بود گنج نيست.

يعني جيڪو بہ شخص ڪوشش نہ ٿو ڪري اهو ڪڏهن ه پنهنجي بلند مقصدن تائين نہ پهچي سگهندو، هن دنيا ۾ ڪو بہ فائدو نٿو وٺي سگهي جيستائين محنت نہ ڪندو، جيڪو شخص بہ سستي مان ڪم وٺندو اهو ڪڏهن بہ مستقبل ۾ وڏي شخصيت نٿو ٿي سگهي.

تمت بالخير

الحمد لله رب العالمين

کمر ءِ کاوش.....۳۷